# لَڙيو سج لڪَن ۾

شيخ اياز

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت

حيدرآباد سنڌ

١٩٨٠ع

سڀ حق مصنف وٽ محفوظ آهن
ٻيون ڇاپو - فيبروري ۱۹۸۰ع

قيمت اٺ روپيا

هيءَ ڪتاب سنڌيونيورسٽي پريس، حيدرآباد ۾ ڪمپوز ٿيو ۽ ميسرس پاپولر پرنٽرس، عبرت بلڊنگ، حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ محمد ابراهيم جويي، صدر سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، ٨- ٽي ماڙ، منظور چيمبرس، گاڏي کاتي، حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

# ناشر طرفان

شاعر شيخ اياز، ١٩٧٥ع جي شروع کان حالتن جي زد ۾ رهيو، ۽ خاموش رهيو.

باز گشتم از سخن زيراڪ نيست
در سخن معني و در معني سخن (فيضي)

آن کان پنج سال اڳ، ١٩٧٠ع ۾، ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ جي تخليق کان پوءِ، ١٩٧٤ع جي آخر تائين، هُن منظوم سنڌي ڊراما ”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي“ ۽ هيءَ زير نظر شعري مجموعو ”لڙيو سج لڪن ۾“ اسان کي ڏنا. آنهن پنجن سالن ۾ هن ”نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي“ جي عنوان سان ڪيئي اعليٰ اردو گيت ۽ نظم به تخليق ڪيا، جي اڃا شايع ٿي نه سگهيا آهن. پر آن کان پوءِ، گذريل پنج سال، هن جي شاعريءَ جي ”بيوفا سريت“ هن کان رٺل رهي ۽ اسين هن جي هر طرح جي شعري تخليق کان محروم رهياسين. هيءُ عرصو هن جو ڌيان، البت، پنهنجي سنڌي شعر جي پنجابي ۽ اردو ترجمن ڏانهن رهيو، جيڪي پوءِ ڪتابي صورت ۾ الڳ الڳ ”جو ٻيجل ني آکيا“ (مترجم- احمد سليم) ۽ ”حلقہ ميري زنجير ڪا“ (مترجم- فهميده رياض) جي نالن سان شايع پڻ ٿيا. هن عرصي ۾ هُن ڪافي ڪجهه منصبي نوع جا مضمون به سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکيا ۽ پڻ ڪيئي تقريرون ڪيون، ۽، آن سڀ کان وڌ، هڪ تاريخي ناول لاءِ مواد به ڪٺو ڪيو، جو هاڻي وٽس زير تصنيف آهي. هُن جي هنن پنجن سالن جي آن ٻي ڪيف جاکوڙ مان اسان جي لکڻي ۾ شديد آن ناول جي امڪان جي ليک ئي آيل هجي— ۽ آن کي به اسين پنهنجي لاءِ وڏي هڪ نعمت شمار ڪنداسين.

هيءَ شعري مجموعو، ”لڙيو سج لڪن ۾“، جيئن اُن جي نالي مان پڌرو آهي ۽ پڻ اُن جي فهرست ۾ آيل واين جي هر ابتدائي پد مان ڏسي سگهجي ٿو، شاعر جي انتهائي نراسائيءَ جي ڪيفيت جو ترجمان آهي: باڪ نراسائيءَ کان وڌيڪ، پڙهندڙ کي، شايد، اُن جي ڪيفيت ناخوشيءَ يا ناراضپي جي محسوس ٿئي- ناخوشي يا ناراضپو، شديد کان شديد، ايترو شديد، جو اُن کان وڌ ڪنهن وصال جي تانگهه، ڪنهن تبديل جو آمنگ ۽ اُن وصال يا اُن تبديل لاءِ وڌيڪ بيءَ ڪنهن تيز آس جو اظهار شايد ٿي ڪو ٿي سگهي.

”مون کي منهنجي جيئري ملڻو ناهين مور ----
پُنهه ياري، گهر ڏور ....
”پوه بہ قان چانو آ پرين تنهنجو پور ----
پُنهه ياري، گهر ڏور ....“
(ص ٨٦)

اياز جي شعر جو هيءَ مجموعو هن جي واين جو مجموعو آهي، ۽ سچي سنڌي ادب ۾ شايد ۽ جديد سنڌي ادب ۾ يقينن هيءَ پهريون خالص واين جو مجموعو آهي، جو شايع ٿي رهيو آهي. هن مجموعي ۾ جملي چاهٺ وايون آيل آهن -- ۽ اميد آهي تہ اسان جا ادب شناس ۽ نڪتہ سنج، محترم ۽ لائق پڙهندڙ ڏسندا تہ اُن جي هرهڪ وائي ۽ هر وائيءَ جي هرهڪ مصرع هڪ روشن لڙهي آهي، جنهن ۾ معنيٰ ۽ جذبي جا موتي پوتل آهن.

دل هر قطره را گر برشگافي
برون آيد آزو صد بحر صافي (فيضي)

حيدرآباد سنڌ

١-٢-١٩٨٠ع

# فهرست


۱- ووڙيندي مون وات.... ۹
۲- ڪوبہ نہ آيم ڪَنَ.... ۱۰
۳- هو جي ڪالهہ تَڏي.... ۱۱
۴- اڄ تہ ٻُجهي ويا ٻوڪ.... ۱۳
۵- موت ڪِيا سڀ مات.... ۱۴
۶- ڪاريهر جو ٻِڪُ.... ۱۵
۷- توڙي ٻوٽيءَ در.... ۱۶
۸- مُيون مالهٽيون.... ۱۸
۹- ڪُتا رات ڪَلال.... ۱۹
۱۰- پِينرُ! ڪهڙو پَتُ؟.... ۲۱
۱۱- ناهي موت ميار.... ۲۲
۱۲- ڪارونجهر تي ڪاري رات.... ۲۴
۱۳- هو جي سيڻ ڪيام.... ۲۵
۱۴- ڪڻن ڪو ڪِيُوڪاري.... ۲۶
۱۵- لِڦون لالُ لينر.... ۲۸
۱۶- آڏر پکيڙا يار.... ۲۹
۱۷- ويلو وڃ ڪيوم.... ۳۰
۱۸- رڳ ڏنائون رات.... ۳۱
۱۹- ڌرتي! ڪوئي دان؟.... ۳۳
۲۰- ڏينهن تہ آهي ڏنب.... ۳۴
۲۱- جيڏيون جنهن ويڙا.... ۳۵
۲۲- ساربہ سڀ چمار.... ۳۶
۲۳- آڇُ، آڇُ، گهوري، گهاءُ!.... ۳۷
۲۴- واري، پنهنجو پاڻُ.... ۳۸
۲۵- ڪيچ وٺن ڪونجون.... ۴۰
۲۶- برُ نہ سي بوتا.... ۴۱
۲۷- تون ئي تاهم ملير.... ۴۲
۲۸- جان جان جيان آنءُ.... ۴۳
۲۹- مکي چار چتن.... ۴۴
۳۰- جيڏيون شال جيئن.... ۴۶
۳۱- تون تہ وسين ٻي پار.... ۴۷
۳۲- آءٌ سدا ٻي پار.... ۴۹
۳۳- پيچ پنيءَ پيچ- گهڙ.... ۵۰

لَـــژيـــو ســـج لَـــكـــن ۾

ماضيءَ ۽ مستقبل جي نالي.............

# وائُون

○

ووڙيندي سون واٽَ

لٽو سج لڪن ۾.

ڇپر منجهہ ڇُپي ويا، اوئين اوچا ڳاٽ-

لٽو سج لڪن ۾.

ڪيڏو اهڪو پنڌ هو، نہ ڪا ڇانو نہ ڇاٽ-

لٽو سج لڪن ۾-

اونداهي ۽ اوجهـرو، رهتوُ جيئڻ جـاٽ-

لٽو سج لڪن ۾.

○

ڪوبہ نہ آيم ڪَنِّ
آونـِي تن جي آڏِّ۔
ڇُپَرَ ڪالهہ ڇڏي ويا

وَرِ وَرِ ڏيندم ڪيترا
اونـِي ڳونـِي وَڏِّ !
ڇُپَرَ ڪالهہ ڇڏي ويا

آءٌ ، آهيئي ڏاڪڙا،
هُو جي ڏونگَرَ ڏَڏِّ۔
ڇُپَرَ ڪالهہ ڇڏي ويا

○

هُو جي ڪالهہ تَڏي
ڇَپَرَ مَنجهہ ڇڏي
کُهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا!

هاء، ويا هُو قافلا
کهڙيءَ لوءِ لڏي!
کُهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا!

آڏَرِ اوري نِجهرا
آڏيءَ رات آڏي
کُهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا!

جن جا پيرا پُوڄيا
مُنهنجي جيءَ جڏي
کُهہ ڄاڻان، ڪاڏي ويا!

واڪا واڪا واءُ مان
تِسِي اَڄُ سُڄَ سڏي
کُهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا!

ڳوڙها روڪيِ ڳوليان
جَبلَ، جاء ته ڏِي!

ڪُهه جاڻان ڪاڏي ويا!

○

اَڄُ تہ ٻڄھي ويا ٻوڪَ
اوندھہ انڌوڪارَ ۾

راھُو* چڙھ رڙڪي پيو
ڪِر مان ڪيِي ڪوڪَ
اوندھہ انڌُوڪارَ ۾

ڪيڇڙ ۾ ڪيِڙا لڳا
سِي ڪان سَگِرُ ٽوڪَ
اوندھہ انڌُوڪار ۾

آيِري ايندو اوچتو
نيٺ تہ نيزي نوڪَ
اوندھہ انڌُوڪارَ ۾

* راھو= ھندو ديومالا جو ھڪ دئيت، جو سج ۽ چنڊ کي رڙڪي ويندو آھي.

○

موتَ ڪيا سَڀُ ماتِ
هُوندا ڪيرِ حياتِ ـ
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ؟

تارَن ڀُنءِ سانتِي چڪي
نِيچُ نگر جي راتِ ـ
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ؟

ڪيسِين سُپنا سِڄْ جا
وائِي سانڍِي واتِ !
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ؟

اونڌه انڌُوڪارَ ۾
آءِ ، ڏُکوئي ڏاتِ ـ
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان؟

○

ڪاريھر جو پڪ
ڏڪي ننڊ ڏهاڳ جي

چنڊ پٽيهي عاج جي
ڪل ڪل پوڙهو ڪڪ.
ڏڪي ننڊ ڏهاڳ، جي

وهه ساگر ۾ ويو ٻڏي
ڇڻ ته سهائو پڪ.
ڏڪي ننڊ ڏهاڳ جي

رات گهري راڪاس جان
ننڊ نِدوري بڪ.
ڏڪي ننڊ ڏهاڳ جي

•••

○

توڙي پونيءَ دَرَ،

نِنبَ اَڇي ئِي ڪانءَ ٿِي!

ڳورا ڇَپَرَ پيارَ جا

پَکِيءَ گهايَل پَرَ،

نِنبَ اَڇي ئِي ڪانءَ ٿِي!

پويان پاڇا رات جا

ڪاريهر جــا ڪَرَ،

نِنبَ اَڇي ئِي ڪانءَ ٿِي!

اُف! هِي آڀِي وڏَّ جو

ڊيرو، اُن جــِي دَرَ،

نِنبَ اَڇي ئِي ڪانءَ ٿِي!

اورانھين جا آئستا
ڏورانھين جا ڏَرَ،
ننڍ اچي ٿي ڪانه تِي!

سُپنا مُنھنجي ساھَ جا
ڪنھن کي تُنھنجي ڪَرَ!
ننڍ اچي ٿي ڪانه تِي!

○

مُـيـُون مـالهٽِيُون

سڪا موتئِي گَجرا

آيا ڏِينهَن ڏُهاڳَ جا

چوٽيون ڇِڪً ٽيـون ،

سُڪا موتئي گـَجـرا

نوڙِي ڪيڏيون نِنڊڙيون

چوڏينهَن چنڊَ نِيوُن !

سُڪا موتئي گـَجـرا

ڪُهه جاڙون ايندا ڪلهن،

ڪيسين جاڙَ جيوُن !

سُڪا موتئي گـَجـرا

ڪُتا رات ڪَـلال،
مِيڙو ناهي مَڏُّ تي

رات نہ ڏاڪَر پيار جِي
چَندُ نہ ڪنهن جِي ڏالَ!
ميڙو ناهي مَڏُّ تي

پيِهَڻ ڪي پوَڻو ڪَيو
جيِئَڻ جـي جنجالَ،
ميڙو ناهي مَڏُّ تي

مَتَـان مَتَـن هَـتڙا
سيڪِي تـيـا سالَ،
ميڙو ناهي مَڏُّ تي

وَرَنهہ وِلهہ وهائيا
سوُڙها مائيءِ لال ،
ميڙو ناهي مَڏُ تي

پهَ پهُہ ڪَن ٿا ٻاٽَ ۾
هاٿي چورَ چَنبالَ ،
ميڙو ناهي مَڏُ تي .

○

پينَرُ! کهڙو پَتُ ؟
چَنبَ رڪيبيءَ رَتُ.
مون کي گيتُ نہ آئڙي

راوَڻُ جهڙيءَ رات ۾
ڪنهن کي سِيتا سَتُ ؟
مون کي گيتُ نہ آئڙي

کهڙو ڪِينَرَ کي ڏيان
آڏيءَ جو آتُ ؟
مون کي گيتُ نہ آئڙي

پڙڪايان ڪنهن باهہ سان
پنهنجو تارُونءَ تَتُ !
مون کي گيتُ نہ آئڙي

○

ناهي سوٽ مَيارَ

ووء ميان، وو، وو ميان!

صليبن جي سامهُونُ

ڪيڏي آھ قطارَ!

ووء ميان، وو، وو ميان!

لُريءَ ۾ لڙڪن پيا

ڪَنڌَ نِوايل يار،

ووء ميان، وو، وو ميان!

آھن آڏَ قُلارَ ۾

ڪيڏا ڪپيل ڏارَ!

ووء ميان، وو، وو ميان!

لالُ لهوءَ ۾ لَونڊڙيون

ڪيڏا ڪِيرَ ڪَپارَ!

ووء ميان، وو، وو ميان!

آگهو ميان اکيون
پوي جئن نہ پچارَ!
ووء ميان، وو ، وو ميان!

سائيي رکو ساھہَ ۾
پنهنجا قولَ قَرارَ!
ووء ميان، وو ، وو ميان!

○

## ڪارونجهر تي ڪاري راتِ -

اونداهو آڪاسُ مٿان، ڪنهن تاري ناهي تات !

ڪاٿِي ڀَڳ پُڪار نہ آئِي ، لُنءِ لُنءِ ڳولي لات !

ڪالهہ ڏناسين ڏِٺا ڏِٺا، مورَ ٿِيا جي ماتِ .

شالَ وِري ڪا ڪُوڪَ ڪَٿارِي، چيرِي چُپِ چُپات!

○

هُو جيءَ سينڌ کَيام
کهڙيءَ واٽَ وَيام؟
آءٌ تہ پُنَس پَنَڌَ ۾!

جاڳِي جاڳِي، جيئَڙي
کا جا جَهپُ لڳام
آءٌ تہ پُنَس پَنَڌَ ۾!

کُهہ جاڻان هِنَ کوهَ ۾
پنهونءَ سَڏُ سڻيام!
آءٌ تہ پُنَس پَنَڌَ ۾!

هِت هُت هوتَ پروچ جا
پرجهي پيرَ کنيام،
آءٌ تہ پُنَس پَنَڌَ ۾!

دُورِيءُن جي ديس جي
سوچي نيڻَ پِيام،
آءٌ تہ پُنَس پَنَڌَ ۾!

○

ڪِٿن کو ڪُوڪاري-

مِڙنِي ماٺِ اَچي وئِي

ڏَنوٽيون ڏِگ چڙهي ويا، ڳَٽَ ٻہ ٽي ڳاري-

مِڙنِي ماٺ اَچي وئي

آهي ڏُوڙ ڏسالَ تي، هرڪنهن اوتاري-

مِڙنِي ماٺ اچي وئي

واڪِي وَسُّ چڙهي ڏنو، نعري ناڪاري-

مِڙني ماٺِ اَچي وئي

هيلَ تہ ساٿو پَنُّ پيو، ڪونہ چڙهيو پاري!

مِڙني ماٺ اَچي وئي

آهي ڪائي چٽنگ جَا ٻارڻ ڪي ٻاري؟

مِڙني ماٺ اَچي وئي

آهي ڪو ڪوهيارُ جو ڏُونگر ڪي ڏاري؟

مِڙني ماٺ اچي وئي

ڏُيڻ جئن ڌڌڪي پيو، ڪير گهِرَي گاري؟
مِٽني ماٺ اچي وئي
ڇپُون ڪيهَرَ ڪَرُتيون، چيله ڀِڳي چاري -
مِٽني ماٺ اچي وئي
جَڻُ ڪا ڏائڻ ڏيهه ڪي پيئي ڏِهڪاري-
مِٽني ماٺ اچي وئي
هِيءَ وَسيهَر وِهه نٿين، ماري يسا ڪاري -
مِٽني ماٺ اچي وئي
چونه چڙين ٿو تون ٻه اج وائيءَ ڪي واري!
مِٽني ماٺ اچي وئي

○

لڦُون لالُ ليارَ،

ڪيرُ چُميندو چاهَ مان؟

ڳولِي لين ڪون تا، ڪُلهي ڪوڏيا يارَ.

جوئِي جَڳ جي او ميان کهڙي سارَ وِسارَ!

توڙي ڏونگرَ ڏاڪڙا، پندَ، پَراهان پارَ،

ڏاهِي ڏُکَ نہ آئڙيا ويڳاڻا ويچارَ،

مان ۽ سُنهنجو پندڙو، ڀِي ڪنهن ڪوهُ ميارَ!

○

أڌُر پکيڙا يارَ

پُنا ٻولڻ ڏينهڙا

ڪَيَءِ ڪيڏيءَ اوڪَ سان اندر جي آپٽارَ!
اَيرِي آتَر وڄُ جان ٻوليءِ ٻولٿهارَ!
تَلَّ ترايون چمڪيون وُتا مينگهه مَلارَ
ڪيڏا وَڏِ وجهي وٺي تنهنجي ڪَنٺَ ڪَنارَ!
مارُو توتي موهيا ڍاٽي ڍِنگهون ڍارَ
ڇُوٽي - چنتا تي ڪُتا وَڳَر جا ويچارَ
رِيت نيائي رُتَ سان تنهنجي اَپ آڌارَ
مَرندي تائين مُند کان ٻَلِي تو نه ٻُڪارَ
پُنا ٻولڻ ڏينهڙا ، اڌُر پکيڙا يارَ!

○

## ويـلـو وِڄَ كـيـوم

ﭘَنڌُ ﭘرينءِ جو ﭘرتي ٿي ويو
کوهَ اگهي کان اوچا ٿي ويا
کَهه ۾ سِڄُّ ﭘـُڏوم،

ﭘنڌُ ﭘرينءِ جو ﭘرتي ٿي ويو
ڏُونگرَ ڏاڍَ اگهي کان اڳـرا
جئن جئن ڏِيلُ ڏريوم،

ﭘنڌُ ﭘرينءِ جو ﭘرتي ٿي ويو
ﭘَٽَر مان ﭘٽلاءِ تـہ آيو
ﭼاڪ کنهن سَڏ ﭘُڏوم!

ﭘَنڌ ﭘرينءِ جو ﭘرتي ٿي ويو

○

رڳُ ڏنائون راتِ،
وِهاڻـــيءَ پرڀـــاتِ،
ڪَٿِي ڪُنبُ چڙهي ويا

ڪُهنبا پاڻي ڪاٺيون
مورڙيون ڪَن ماتِ.
ڪَٿِي ڪُنبُ چڙهي ويا

اوچَڙ وَنءُ ولاتَ جـا
تــاجِـي ڏيهي ڏاتِ.
ڪَٿِي ڪُنبُ چڙهي ويا

وائـِي لالُ لبيس جــي
گهرَ گهرَ ونيءَ واتِ.
ڪَٿِي ڪُنبُ چڙهي ويا

جاڳي ساريون راتڙيون
جرڪي جن جي ذات،

ڪٿي ڪُنبُ ڇڏي ويا

○

ڌرتي! ڪوٺــيِ دانُ ؟

مون کان گيتَ رُسي ويا

ڪَيندي ڏينهن لڳِي ويا

ڪُکِ منجهاران ڪانُ.

مون کان گيتَ رُسي ويا

وَر وَر ٻُڌِي ٻاهـران

ســونِـي ويـو مهمانُ.

مون کان گيتَ رُسي ويا

گُوندرَ گينواري چڙي

مُنهنجي سُرت سُجانُ.

مون کان گيتَ رُسي ويا

ڪنهن کي آءٌ پسائيان

آنـدر جـــو ارمانُ!

مون کان گيتَ رُسي ويا

○

ڏينهن تہ آهي ڏنبُ،
سان ۽ جيئڻ جنبُ،
تو بن رات نہ آئڙي

مُڙکي بيلو مون متان
تولڻ تاتي چنبُ،
تو بن رات نہ آئڙي

کيسين هرَ هرَ هيڪلو
ماٺو گهوڙي منبُ،
تو بن رات نہ آئڙي

جي تون سرچين ساڄنان
گهوڙيسان آءٌ گهمنبُ،
تو بن رات نہ آئڙي

○

جيڏيون! جنهن ويرا
واءُ لئيا پيرا،
مان ڪِئن جيئنديس جَتَ ري!

توڙي ڏونگَرَ چوٽَ تي
ڏاگهن جا ڏيرا،
مان ڪِئن جيئنديس جَتَ ري!

پَٽُ لڳي ٿو پٽُ جان،
کهڙا ڪانيرا!
مان ڪِئن جيئنديس جَتَّ ري!

پينر! هن پنيور جا
ساڻو سب ميرا،
مان ڪِئن جيئنديس جَتَ ري!

○

ساريم سپ چمارَ
پرت وَندن جا پارَ،
ڏنـي لهندم ڏُکڙا

اکڙين جهُڙ جهمِي پيا،
آئي مُندَ ملارَ،
ڏنـي لهندم ڏُکڙا

ڏورانهين پر ڏيئَڙا
سانگيئَڙن جي سارَ،
ڏنـي لهندم ڏُکڙا

داريا ڏِي جيکي ڏيا
مون کان مُور نه ڏارَ،
ڏنـي لهندم ڏُکڙا

○

آچُ، آچُ گھوري گھاءِ!
تو بِن چَين نہ آئيو

چيري چَندن ڪاٺَ جئن
سون کي آج مُهڪاءِ!
تو بِن چَين نہ آئيو

ڪيري وِچُّ وجود تي
جَر ۾ سَپُ جرڪاءِ!
تو بِن چَين نہ آئيو

آڌيءَ رات آڳار تي
مُنهنجا آنگ نچاءِ!
تو بِن چَين نہ آئيو

ڪيسين ساز سُتا رهَن
ڳاءِ، وري آج ڳاءِ!
تو بن چَين نہ آئيو

✿

○

واريِ پنهنجو پاڻُ،
آءُ آمرُ تيِ گيت ٻڌ!

ڪَرمنَبلُ ۽ ڪِينرو
سانپ ڌ بيٺي ساڻُ،
آءُ آمرُ تيِ گيت ٻڌ!

راڳُ رڳو گهرُ ياڳَ ڪان،
جَر ٿي سيڪجهه جاڻُ،
آءُ آمرُ تيِ گيت ٻڌ!

جهرمر تارا جيءَ ٻڌ
ڏنگو جيئَن نياڻُ،
آءُ آمرُ تيِ گيت ٻڌ!

تو لئه پيو سَپُ ڪارِٽي
سدائيءَ جو ماڻُ،
آءُ آمرُ تيِ گيت ٻڌ!

سَنسو ساکَ کُساکَ جو
ايائن آهيانُ،
آءٌ آمرُ ٿي گيت ڀر!

○

ڪيچَ وَٽَن ڪُونجُون –
شام لٿي آهي

واريءَ سنجهه وڃائيا تُنهنجا پيرا سُون –
شام لٿي آهي

آءُ آئين ڏي پنڌ ۾ توڙي پيرَ پٿون –
شام لٿي آهي

اڳريون آهن اڳ ڪان ڏونگرَ ڏاڍيُون –
شام لٿي آهي

ڪيڏو ڏُور لڳين، پيو ويجهو هوندين تون!
شام لٿي آهي

O

بَرّ نہ سِي بوتا، وَڃو، وَڃو هوتا،

سان ۽ پاڙو پَرٽ جو!

سُون هي ميرا ڪَپڙا عمر سڄي ڏوتا،

سان ۽ پاڙو پَرٽ جو!

آڄُ بہ آؤٽا ڪالهہ جئن چُنيون ۽ چوتا،

سان ۽ پاڙو پَرٽ جو!

ڪيڏا آيا ڪيچ مان ڪَر ڪاهِي ڪوتا!

سان ۽ پاڙو پَرٽ جو!

○

تُون ٿي ناٿ ملير

آءٌ آهائـــي مارئي!

توئي وِهه تي واريو پنهنجو پاڪ پنير،

آءٌ آهائـــي مارئي!

آهه آچايل اڳ، جيان مُنهنجو ساهُ سرير،

آءٌ آهائـــي مارئي!

هاءِ، آياڳي ماءُ تو ڪاريو پنهنجو ڪير،

آءٌ آهائـــي مارئي!

اوڳي! تون ڇا ٿو گهنديں مُنهنجي نيڻان نير!

آءٌ آهائـــي مارئي!

○

جانڻ جانڻ جيان آنءُ
تانڻ تانڻ تنهنجو نانءُ
مون کان سُور نہ وسري.

ڏادا تتا ڏينهڙا
لات نہ لنوي ڪانءُ!

واجھہ نہ وجهي اوپرو
توتيءَ هر ڪِي هانءُ!

ٿَرُ ڪُڇاڙو تو ٻنان!
مون کهڙو ٿرُ ٿانءُ!

ڏات ٻہ تو ٻن ڏَنءُ ڏنو
ڏانءُ نہ آيو ڏانءُ!

تو ٻنِ آنءُ نہ آنءُ
ساجن! تنهنجو نانءُ
مون کان سُور نہ وسري.

○

مَکِـي چـارَ چَـِتَن
جِيجان تــن جتــن
ساريان پئي سِڪَ کي
او شل! اچـن اوچتو
واري واڳَـ وطـن،
جِيجان تــن جَتــن
ساريان پئي سِڪَ کي
ڏُونگر منجهہ ڏکوئيو
ڏاڍو ڏينهَن تَـتــن،
جِيجان تــن جَتــن
ساريان پئي سِڏَ کي
پِنُــن ۾ پنڪـائيو
تَن جـي پـارَ پَتَن،
جِيجان تــن جَتــن
ساريان پئي سِڪَ کي

تانگهہ اُنھن جي تانگھيان
تاتِ اُنھن جي تَن،
جِيجان تــن جَــتــن
ساريان پئي سِڪَ کي

○

جيڏيون شال جِيَن

پرديسي پانڌيئڙا!

سونارن جئن سنڌيو، روحن رِيهه ڏِيَن،

پرديسي پانڌيئڙا!

اکيون جن لئه آليون ڪيو جُهڙ جِهمَن،

پرديسي پانڌيئڙا!

اکيون آتِ آڪنديون، جن جي سونهن سڪن،

پرديسي پانڌيئڙا!

سَنئون مُور نه وسريا، سهسين سال ٿِيَن،

پرديسي پانڌيئڙا!

ڪُهه ڄاڻان ايندا ڪڏهن واري واڳ وطن،

پرديسي پانڌيئڙا!

ڪُهه ڄاڻان ڪنهن رتِ ۾ مون سان ميڙ وڪن،

پرديسي پانڌيئڙا!

○

تُون تہ وسين ٻي پارَ، سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمَّ سان

ڀِڪَوُن ساهون سِر جي
ٻَجن کو نہ ٻيارَ، سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمَّ سان

پرکين ٿو مون کي ميان
ويهي ٻاڻ ٻرار! سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمَّ سان

روز جُڪائن جيءَ کي
واڳيتيل وِيچارَ، سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمَّ سان

آپ ـ ڪَپي اوڙاهہ جا
ٻُرَن کُنْ ڪَپارَ، سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمَّ سان

ڏار بہ هوندي، آنهہ تون
سون کان سوُر نہ ڏارَ، سوُن
ڏينهنُ نہ اَلهي ڏَمْ سان

○

آءٌ سدا ئي پار!

سُهڻيءَ سوچيو سِير ٻ

جُلِي جاجي آئيا - ها، پر ڪير ڪُنوارِ!

سُهڻيءَ سوچيو سِير ٻ

لِڪِي مُنهنجي ليکَ ٻ آهي لوڪ ميار،

سُهڻيءَ سوچيو سِير ٻ

ڪُنُ ڪپيندِي ڪيرَ ئِي، اونو ڪنهن اوراڙ؟

سُهڻيءَ سوچيو سِير ٻ

وَرَ وريتيون ڪيتريون ڪا ڪا تَرِي تارِ،

سُهڻيءَ سوچيو سِير ٻ

تُون ئي مُنهنجو آجپو، مان ئي تو آڌار،

سُهڻيءَ سوچيو سِير ٻ

○

ٻيج ٻنيءَ ٻَج گهَڙَ-
پويان پاڇا رات جا

ڪيڏي ڪاري رات آ
ڪيڏي لنبي ڪَڙ!
پويان پاڇا رات جا

اوندهہ آتر واءُ ٻر
پاڻيءَ تي پَن- جهَڙَ-
پويان پاڇا رات جا

ماءُ پنهنجو ٻچڙو
وِڪ نہ ڇاڻي وَڙَ-
پويان پاڇا رات جا

○

آرٽِ نہ اوبيہ ء اُنَّ

آجُ چيا ڪان ڪاپائتي ؟

چَرخو چو هِئن چُپَّ آ؟ اڳٽِ ايڏي سُنَّ!

ڪالهوڪيون ڪاپائتيون گهرڪايون ڪنهن ڪُنَّ!

وِيهُہ نہ وِنگيءَ ڏَڳُ سان ، چَپَنَ لائي چُنَّ .

ح

ساوَڪ رُت ۾ ساڏورا ميل ٿيا، آئين تون،
آيا سَرءِ ڏينهڙا

هَنجَ اُڏاڻا، سَر سُڪا، ڪُڄاڙيون ڪوڏيون!
آيا سَرءِ ڏينهڙا

آهن اُتر واءُ جُون آتڻ ۾ اوتُون،
آيا سَرءِ ڏينهڙا

مان ۽ آرتَ اُپاڻڪا، چار جڏيون جيڏيون!
آيا سَرءِ ڏينهڙا

○

تو کان سوا ميندرا ٻي ڪنهن کي چاهيان؟

آءُ تہ مُنهن مُرڪي ڪٿان!

ڪيسين ٻاري ڏيئڙا سنجهي ڪَرَ ساهيان؟

آءُ تہ مُنهن مُرڪي ڪٿان!

مون جي مُگرا پاند ۾ ڪنهن سان وراهيان؟

آءُ تہ مُنهن مُرڪي ڪٿان!

ڪيسين ساريءَ لوءِ سان لاڳاپا لاهيان؟

آءُ تہ مُنهن مُرڪي ڪٿان!

جُنياري تي جڳ ۾ ڪيسين نباهيان؟

آءُ تہ مُنهن مُرڪي ڪٿان!

تو ايندي مان آهيان، تُون ناهين، ناهيان،

آءُ تہ مُنهن مُرڪي ڪٿان!

○

هِيءَ جا ڏَوڏرن ڏات،
لـوئـڙ يـــارن لات،
منهنجي مُلڪ مليرِ جي!

روڪي روڪيان ڪيترو
وائـِي آڏـــي وات،
منهنجي مُلڪ مليرِ جي!

سونَ سَريـڪـا سِڄَ جا
سُپـنـا ســاري رات،
منهنجي مُلڪ مليرِ جي!

گُونجِي مُنهنجي گيت مان
پـڌرِي ٿـي پريـات
منهنجي مُلڪ مليرِ جي!

○

چاريُن ڀَر ڄايُون
پنهنجون پرايون
ڳالهہ مڙيوئي هِڪَڙي

هر ڪو هر ڪنهن جا وَتِي
ڳَنڍ ڳچيءَ پايُون،
ڳالهہ مڙيوئي هِڪَڙي

ڳالهہ تہ آهي وَڏّي جي
ڇا بہ هُجن وايُون!
ڳالهہ مڙيوئي هِڪَڙي

هِتَن هِتايَن مٿان
ڏاڍن ڏاڍايُون،
ڳالهہ مڙيوئي هِڪَڙي

تُنهنجا ڳوڙها سون رُنا
توکي ڳَر لايُون،
ڳالهہ مڙيوئي هِڪَڙي

○

لُنءَ لُنءَ نکتِي لاٽَ
کُونجُون ڪُڪيون روهه ۾

جهرمر جوت ٻرِي پَئي
آئـي ڇـَپـَر ڇـاٽ،
کُونجُون ڪُڪيون روهه ۾

جرڪِي پيئي جِيءَ ۾
وانگيئڙن جي واٽَ،
کُونجُون ڪُڪيون روهه ۾

ڏورانهين جي ڏاهه سان
اُيـريـا اوچـا گهاٽ،
کُونجُون ڪُڪيون روهه ۾

مارڳ ۾ مَرڪن پيا
لکـئـي ساڻ لِلاٽ،
کُونجُون ڪُڪيون روهه ۾

○

مَتِي تِنَ سَچن
او شل كَنڊَ نچن
او شل جركِي جنڊڙي!

كيڏي كان كان كوڙجِي،
ساڏِي چُپّ سچن!
او شل جركِي جنڊڙي!

ڙهكايو آ ڏيهه كي
ڏاڍو هيل ڙچن،
او شل جركِي جنڊڙي!

ڏوَ تي كاڏو ڊوُني كي
پيهر ٻانسِ ٻچن،
او شل جركِي جنڊڙي!

هيڏا هاڃا تا ٿين،
ڙسجي كير ٻچن!
او شل جركِي جنڊڙي!

اورانـگهڻُ اوڙاهـ کـي
نـاهـي کَمُ کَـچن،
او شل جرکِي جندڙي!
شل کِي سُونهان سِير جا
واهـڙَ وِچِ آچـــن،
او شل جرکِي جندڙي!

O

رَتو رُنـــو راتِ،

رانجهن جهنگ سيال تي.

هيرَ ڏئي تي ڏيهہ کي

وِهُہ جون وڏيون واتِ ـ

جوڳين جِيءَ جلائِيو

کيڙي مُور نہ ماتِ ـ

ويرِي وارث شاه جا

پڌرا ڪَر پرِيات!

رَتو رُنـــو راتِ،

رانجهن جهنگ سيال تي.

❖

○

جـبـل جـاڙَ وڏاءِ،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

سِـج! تـکا ڪر ترورا تـرِڇا تيرَ وَساءِ،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

واءُ! وَسيهر ڇان وِري ڇپٌ اڇا جرڪاءِ،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

ڀَـٽـر! مُنهنجا پيرڙا گهاءِ اڇا ٻـي گهاءِ،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

ٻهاڙُ تہ ٻنهنجو ٻر ڪيان هلندي هو تن لاءِ،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج سيان!

○

جَــر ـ ڏيـئا جهمڪن،

سنڌُو تُنهنجي سِيَر تي

ڪاريون راتيون ڪاٺيون
تـارن ســان ڏمـڪن

سنڌُو تُنهنجي سِيَر تي

آتَـرُ، پـيـرَن جهانجهرا،
چوليون ٽيون چمڪن

سنڌُو تُنهنجي سِيَر تي

ڇا ڇا مُنهنجيءَ ذات مان
چانـدوٽـا چِـمـڪن !

سنڌُو تُنهنجي سِيَر تي

○

توکي کھڙي ڪلَ،
جيءَ نہ اچي جھلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسرِي
کارونجھر جون ڪامڻيون
ڳاڳين ڳاڙھا ڳلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسرِي
اکڙيون اَتِ اُڪنيون
کارُون منجھہ ڪَجَلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسرِي
چَپَ ڪچيون ڪچنار جون
مُکڙيون ماکَ - پِنلُ،
مون کان سِنڌُ نہ وسرِي
ڪيئي ڪينجھر ڪنڌئين
نورِيون، نيلَ ڪنولَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسرِي

آڏرن تا جنهن جوءِ تي
پاريهر جان پَلَ،
سون ڪان سِنڌُ نہ وسري

ڪونجون ڪُڪن روھ ۾
تارن هيٺان تَلَ،
سون ڪان سِنڌُ نہ وسري

باڪُون ساڪُون سونهن جون
راتيون رُوپ رَتلَ،
سون ڪان سِنڌُ نہ وسري

آتَر اوتون واءَ ۾
وچينءَ ويلي آلَ،
سون ڪان سِنڌُ نہ وسري

تون ڇا ڄاڻين اوپرا
توکي ڪهڙي ڪَلَ!
سون ڪان سِنڌُ نہ وسري

نيٺ تہ ڦرندا ڏينهڙا
چانگي سارا ڇلُ.

مون کان سنڌُ نہ وسري
مون کان سنڌُ نہ وسري ...

○

پيچ پنيءَ پوتارَ
ڳَرا ڏنا ڪيپ ۾

ڪرا رَتُ چِڪندڙا
اُجري آنَّ ميڻارَ۔
ڳَرا ڏنا ڪيپ ۾

ڪرا پڳهر واسئان
پورهيت آتِ پُڪارَ۔
ڳَرا ڏنا ڪيپ ۾

ڪرا ٻارن ڪُڏڪيون
پوڙهن پالڻهار۔
ڳَرا ڏنا ڪيپ ۾

ڪرا سُومي سينڌ جا
وَنين ۾ ويچارَ۔
ڳَرا ڏنا ڪيپ ۾

ڪرا جوين ڏينهڙا
ڳيرن جي ڳنڪار.
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ٻ

ڪرا پيرن هَٿَڙا
آڏر لـهه آزار.
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ٻ

ڳُنديوُن گوندر سان پُريون
ڪرا وِچ بزار.
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ٻ

گهَر گهَر پينگ، پلاوڙا
ويهي ڪن واپار.
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ٻ

مَرڪِي مُچّ متي ڪئي
ڪارائي، ڪمدار.
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ٻ

○

ساجُهر توڙي سَنجهه،

سپُنا ساڳيا ساهه ۾

ڪيڏي ڪارونڀار ۾

هَٿ آئين ٿي وَنجهه،

سپُنا ساڳيا ساهه ۾

گونج اڳي جان گيت جي

ڏات اڳي جان ڏَنجهه،

سپُنا ساڳيا ساهه ۾

جيون - جُگنو چمڪيا

اڄ ڪي اکين مَنجهه،

سپُنا ساڳيا ساهه ۾

○

جــيءُ جهپايـو آيٌ
ماڪَ پوي ٿي مانگهہ جِي

رهَڙن ٿا جڙ چنڊ جو
چِهـرو اوچـا ڊَيًّ،
ماڪَ پوي ٿي مانگهہ جِي

ڏرتيءَ ۾ دهڪن پيا
ڪيئِي ڳاڙها ڳيٌ،
ماڪَ پوي ٿي مانگهہ جي

○

نيٺ ته بادل برسيا پورَ جهليا پوهَنَ،
وٺا مينهن ملير تي

ڪيڏو ڪاريءَ اُسّ ۾ لهسايو لُوهَنَ!
وٺا مينهن ملير تي

ڪيڏا وَرت چِڪائيا ڪانئِنَ ڪان ڪُوهَنَ!
وٺا مينهن ملير تي

شال سدائين سرتيون ساوڪ ۾ سُونهَنَ!
وٺا مينهن ملير تي

○

چَن چَن ڪَن تا چَنَّ
پايل پايل پَنَّ،
آئو مينهن اڳُوندرو

پلر جي پالوٽ سان
ڏوتا سارُن مَنَّ،
آئو مينهن اڳُوندرو

مُڇَن مُرڪ ملير جي
ڪَڇَن ڳاڙها ڳَنَّ
آئو مينهن اڳُوندرو

لڄَن لوڙيون لاڪ سان
ڇَڄَن اڇا آنَّ،
آئو مينهن اڳُوندرو

گهڙا چائي چيلهه تي
تاڙيا تِن جا تَنَّ،
آئو مينهن اڳُوندرو

ڪيڏو مَن کي ڀانئيا
ساجُهر سانجهيءَ ونَءُ!
اَنو مينهن اگُوندرو

•••

○

وڇون وڄهي وڙ
ڪُٽسن منجهہ ڪڪرُ،
بوند نہ وسي بُٽَ تي
گولاڙن ۾ گلڙا
اينداٗ ڪنهن کي ڪَرَ!
بوند نہ وسي بُٽَ تي
واجهہ وجهي تي آپ ڏي
وَرَ وَرَ تتي ڏَرُ،
بوند نہ وسي بُٽَ تي
سُڻُ سنيها ڪيترا
پارِ نہ آڏرن پَرُ،
بوند نہ وسي بُٽَ تي
سڄڻ! سانوڻ ساھ اڄ
ڍَسُ ڍِي پٽ پڌَرُ!
بوند نہ وسي بُٽَ تي

○

اڪيون اکين ساءُ

ڳالهائن ٿيون ڳجهه ۾.

ساجن سونهن ورونهن جو ناهي ڳڻن ڳاءُ.

ساجنُ روپَ سروپَ ۾ ڀلاڻِن جو ڀاءُ.

چڪي ويو چوهہ سان مَنَ کي مهراڻُ.

پُرندڙ پکون سِير ۾ چوليون آبَّ آماءُ.

پائي ڳَلِ ڳراڙيون پاڻُ سجاتو پاڻُ.

○

آرَ اُڪاري ڪيرُ!

نہ ڪنهن ناوَ نہ ترهو.

گهور گهٽائون گهاٽ تي پو بہ نہ پُٺ تي پيرُ.
ڪيڏو ڪارونـيــار آ ڪيڏو واڳـن ويرُ.
گهوريـا جيئڻَ ڏينهـڙا ساجن سنگُ متيرُ.

○

رتا سولهہ سَتَن،
پانڌي مَٿ پَٽَن.
ڏسندي لهندم ڏکڙا!

رڳو جيءُ جَلائيو
ور ور جوٺ جَتَن.

ڏاگها ڏور، ڏهاڳڻيون
ساڳيو سُرمُ نَسَتَن.

سرتيون سج اُيار سان
اچڻو نيٺ اَتَن.
ڏسندي لهندم ڏکڙا!

○

ٻڌيءَ تتِ نہ اڄ، لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا!

ڪاريون راتيون ڪسوڻيون، پل پل ڪوڙو ڪچ،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا!

جهانجهر آڇي مون چوَنَ، نيچ نگر ۾ نچ،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا!

جيئڻُ جهيڻي ٻاهڙي، مَچُ نہ ساڳيو مچ،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا!

ڪوڙَ پسارو جنڊڙي، ساجن تون ئي سچ،
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا!

○

ڪام نہ ڪرھي مار،
سوٽي منجھہ مھارَ
جنھن کي پنھونءَ پوئيا.

ڳولي پُنءَ پنيور جِي
جنھن جي نيڻَ نھارَ.

ڪام نہ ڪرھي مار...

ٿَليون ٿونرن سان ميان
جن ۾ پنڌَ پُڪارَ.

ڪام نہ ڪرھي مار...

گونج ٻڌين ٿو گيت جي
جئن ڪا ڪونج آذارَ!

ڪام نہ ڪرھي مار...

❋

○

## جھيٽي اگارين

کيسين سيڏکيان هٿڙا !

ڇو هئن ڀِيالِيءَ ڀَٽ جا ڏيئا تو ٻارين !

ءِ ڀو اوت اَلاوَ جِي سٽيءَ تي هارين ؟

منهنجيءَ آجَ آسات کي جرڪِي جيئارين !

وارِي جيئڻ جا جھلا مون کي تو مارين !

او شل سرچِي سِڪَ سانُ پرچِي پيئارين !

○

سانجهيءَ سج ٻڏو،
رڻ ۾ پئي راتڙي.
ڪَٽڪي اچ ڏکو نجڙين
هَنيو روهه ٽُڏو،
رڻ ۾ پَئي راتڙي.
تاري ٽمڪو ناهه ڪو
سارو اُپَءُ پُڏو،
رڻ ۾ پَئي راتڙي.
ها، پر مون ساٿاريو
ستان لڪ لُڏو!
رڻ ۾ پَئي راتڙي.
تن کي چئـو ايترو
'ڪَرها گهَٽ ڪُڏو!'
رڻ ۾ پَئي راتڙي.

○

ڪتي رات پئي،
رڳو روھ رئي.
نہ ڪو پک نہ پھيڙو.

ڪنوڻ ڪجي آيءِ
ڪاريءَ ڪپ وئي.
نہ ڪو پک نہ پھيڙو.

جُھڙ ۽ جھيڙيءَ باھ جئن
ڪُوڪر ڪونج ڪئي،
نہ ڪو پک نہ پھيڙو.

ڇپ سلايئہ اوچتو
مون ڪي چنگ ڏئي،
نہ ڪو پک نہ پھيڙو.

o

واڪا ڪري واءُ!

ڪيڏو تتيءَ تاءُ!

ڪيڏا ڪوسا ڪڪرا!

اهڙيءَ سُجَ اپارَ ۾ ڪهڙو سات سماءُ!

پنهنجن پيرن جو پيو چرڪائي پڙلاءُ.

ماڳُ نہ پيڙو ياڳ ڪي لُنءَ لُنءَ پو بہ لڳاءُ.

آءٌ آساهو ، ڏيرِ ڏِي سون ڪي ڏرتي ماءُ!

○

هِيءَ تنهنجي يـاري
ڪُنڍِي ڪاپـارِي!

مون ڪان مُور نہ وسرين.
مور نہ وئين مَنَّ مان اچي هيڪاري،
مون ڪان مُور نہ وسرين.
جُڙي مون سان، جندڙي تو جئن جيئاري،
مون ڪان مُور نہ وسرين.
تو بن مان جئن لُڪَّ ۾ ٽانگر جي ٽاري،
مون ڪان مُور نہ وسرين.
تو بن مان جئن سمنڊ جي وِير بنان واري،
مون ڪان مُور نہ وسرين.
آءٌ آجهاٽل ڏيئڙو ۽ تون ڏيـاري،
مون ڪان مُور نہ وسرين.

○

او شل هوت اچن

اکيون جن جي آسري!

هو جي ڳاڙهيون لونگيون ڪلهن مٿي ڪن،

اکيون جن جي آسري!

جن لئه منهنجا پول جئن گربيون ساڻ گلن،

اکيون جن جي آسري!

جن وٽ منهنجون ڳالهڙيون جئن ڦُل ڦاڳ ڦُلن،

اکيون جن جي آسري!

جن سان منهنجو نينهن جئن ساڏوڻ مينهن وسن،

اکيون جن جي آسري!

ڏاهي سارا ڏوهه شل مون وٽ ڏاپو ڪن،

اکيون جن جي آسري!

○

تنهنجيءَ جوڙ جهلڪ

موهن، سون من موهيو.

سون ۾ ور وسوسا، پيار نہ ڪائي پڪ.

موهن، سون من موهيو.

سون مَنُ ڪاهہ ويڙهيو، ٻاهر جهولا جَهڪ.

موهن، سون من موهيو.

پٽ پٽيهر ٿي ويا سون لئہ ترچا لڪ.

موهن، سون من موهيو.

ڏکہ بہ ڏاڍهونءَ گُلڙا، ڏکَ بہ کهڙا ڏکَ!

موهن، سون من موهيو.

سون ۾ سڀ ڪان اگِيا ۾، تنهنجي مينهن مَهڪ.

موهن، سون من موهيو.

او شل، اچين اوچتو، واريءَ ڦلُن آڪ!

موهن، سون من موهيو.

صدين سان سَرچي وڃي مَنهنجو پَلُ پلڪ.

موهن، سون من موهيو.

○

آڏر، اڙي او ڪانگ،
نرجا، چالڻ ٿو لنوين؟

تون ڇا ڄاڻين بانورا، اجڪلهہ سڄڻ سانگ!
نرجا، چالڻ ٿو لنوين؟

سُرسو سُڪو اڪڙئين، مُگرا سُڪا سانگَ،
نرجا، چالڻ ٿو لنوين!

رڻ ۾ روجهہ جُهپي ويا، ڏيئي چوهَہ ڇلانگ،
نرجا، چالڻ ٿو لنوين!

آءُ بہ پوان آهلي، سُڻي سانجهيءَ بانگ،
نرجا، چالڻ ٿو لنوين!

○

پُنءِ پاري ، گَهرُ ڏُور ،

ڪَرها آرها پنڌ ۾

سون کي سنهنجي جيئري سلڻو ناهين سُور-

پوءِ به ڦُلن چانو آ پرين تنهنجو پُور -

لُنءِ ۾ سون نہ لڪائيو تَتي ڏينهَن تنورُ -

شال نہ لڳي لنوَ ٽٽي، لڳہ تہ ٿيا چورُ -

پُنءِ پاري گَهرُ ڏُور !

•●•

○

کـلُ کـتـوريءَ جـيـئـن

سُرهيون ساجن ڳالهڙيـون.

کنول کارونيار ۾ اکيـون اکيـن سيئن،

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

وڳا سُرَ سرير ۾ اڳـ نہ کڏهن ايئن،

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

جئن کي کرکن کونجڙيون تَنَّ تنوارون تيئَن،

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

جنهن سون جيءَ سُواسيو تنهن بن کندس کيئن!

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

۵

ڪَڪَرَ جهڙُ ڪارو

ليڙا ماندا لُڪ ۾.

اکين ڪان اوجهل ڏيو پنهون، پنارو.

ڪَهنديءَ اجهون سوچيو ’ڪَهڙو ڪاهيارو!

’لَڪَن لڙڪان ڪيترو، اوڙهي انڌارو‘!

’نه سون للاٽ ليکَ ۾، نه تون ڪو تارو.‘